# چاليهي صاحب جو ميلو - سنڌيت جي جهلڪ

اڄڪلهه جتي هرهنڌ ڪلچر پنهنجي چرم سيما تي پهچي چڪو آهي اُن وقت آگسٽ مهني ۾ تهوارن جي ڪري ماڻهن ۾ ڪجهه ڪجهه ڌارمڪ ڀاونا طرف لاڙو رهندو آهي.
سنڌين جي اشٽ ديوتا ڀڳوان جهوليلال کي پوڄڻ لاءِ سڄي دنيا جا سنڌي چاليهي صاحب جو ورت رکندا آهن.
سنڌنگر ۾ ۵ نمبر جو چاليهو دنيا ۾ مشهور آهي. ڀائي پرسرام ۽ ٻيا ڪيترائي سنڌونگر ۾ چاليهو صاحب ورت جو آيوجن ڪند آهن. چاليسگانءُ، ناسڪ، ڌوليا، دهلي، لکنو، انڊور، ڀوپال، گانڌيڌام، راڄڪوٽ، ڀاونگر، ٻڙودا، سورت وغيره وغيره شهرن ۾ پوج چاليهي صاحب جي ورت جي شروعات ٿي چڪي آهي. چاليهو صاحب جي ورت دوران ۴۰ ڏينهن ورت رکندڙ تمام ساوڌانيءَ سان گذاريندا آهن.
احمدآباد ۾ راڄاوير روڊ تي آيل جهوليلال مندر جا شيواڌاري شري هيمنداس ۽ ٻيا ڪيترائي ڌرم پريمي سرو شري جينتي ڀائي ڪوڏواڻي وغيره مندر سان جڙيل آهن ۽ چاليهي صاحب جي ورت ۾ اٽڪل ۳۰۰ چٽا هن مندر تي ورت رکندا آهن.
ڪٻيرنگر ۾ تازو ئي ڀڳت نوتنداس جي اٽڪ ڪوشش سان ڪٻيرنگر جي جهوني بزار ۾ ۵۰ سالن جي جهوني مندر کي نئين سر ٺهرائي ڪري هڪ شاندار يادگار جهولي لال جو مندر ٺهرايو آهي. هن مندر ۾ ڀڳوان جهوليلال جي مورت ڪانسواءِ هنومان، راڌا ڪرشن، سوامي شانتي پرڪاش، سائين بابا، شو شنڪر، امبي ماتا وغيره جون مورتيون براجمان آهن. نوتنداس جي جهوليلال مندر ۾ پڻ هن سال ڪيترن ئي پريمين پوج چاليهي صاحب جو ورت رکيو آهي. مندر ۾ نت نيم سان روز رات جو آرتي ٿيندي آهي. پلوَ پوندا آهن. هرروز رات جو پروگرام ۾ ڌوم مچي ويندي آهي. پروگرام ۾ ڀڳت نوتنداس ۽ سندس سپاتر پرڪاش ڀائي، جينا ڀائي، سنڌين جي اُسرندڙ ڪلاڪار وملا ٻالواڻي ۽ سندس پتا صاحب شري نانڪرام ٻالواڻي پروگرام ۾ ڌوم مچائيندا آهن. روز رات جو بنگلا ايريا سنڌي پئنچايت جا پرمک ۽ سماجڪ ڪاريہ ڪرتا شري ٻلرام ٿانواڻي ۽ پوري سنگت حاضر رهي جهوليلال ۽ ڀڳت شري نوتنداس جي گيتن جو پورو پور لاڀ وٺندا آهن. رات جو ۱۲ بجي آرتي ٿيندي آهي ان آرتي ۾ مندر جا شيواڌاري شري اشوڪ لڇواڻي خاص سڪريہ رهندا آهن. آرتي کان پوءِ پلوَ پوندو آهي. اهڙي سهڻي آيوجن لاءِ ڀڳت نوتنداس، پرڪاش ڀائي، جينانند ڀائي، ڪنعيالال، اشوڪ ڀائي، چندرلال وغيره واڌاين جا حقدار آهن.
راڄاوير روڊ تي آيل جهوليلال مندر جن جا هرتا ڪرتا شري موتيرام آهن ۽ ساٿي آهن شري ليلارام، بابو ڀائي ، پرڪاش ڀائي وغيره. اهي پڻ چاليهي صاحب وڏي ڌام ڌوم ۽ سڪ شرڌا سان ملهائي رهيا آهن روز صبوح ۽ شام جو سوَن جي تعداد ۾ شرڌالو اچي گڏ ٿيندا آهن ۽ چاليهي صاحب جي مهما، آرتيون ڳائيندا آهن.
سردارنگر ۾ پڻ سالن کان چاليهو صاحب ملهايو ويندو آهي. سردارنگر مان چاليهي صاحب جي سماپتي تي سرگس سڄي گجرات ۾ مشهور آهي. ڪيترن ڪلوميٽرن تائين سردارنگر جي چاليهي صاحب جي سرگس هوندي آهي. سردارنگر احمدآباد جي چاليهي صاحب ۾ پڻ هزارن جي تعداد ۾ ليڊيز ۽ جينس ڀهرو وٺندا آهن ۽ تمام سڪ ۽ شرڌا سان چاليهي صاحب جو ڏڻ ملهايو ويندو آهي. سردارنگر مندر جا سنچالڪ آهن مشهور سماج شيوڪ شري ديويداس پنجابي ۽ ٻيا.
امباواڙي سردارنگر ۾ پڻ شري پرسرام متائي، روپچند نکر ۽ ٻين جي ڪوشش سان هن سال چاليهي صاحب جي ورت جو آيوجن تمام ڌام ڌوم ۽ سڪ شرڌا سان ڪيو ويو آهي. ۳۱ جولاءِ ۲۰۰۲ کان هن مندر ۾ پوج چاليهي صاحب جي ورت جو آرنڀ ڪيو ويو ۽ امباوڙي جا ڌرم پريمي جنتا تمام سڪ ۽ شرڌا سان هنن چاليهي صاحب جو ورت رکيو آهي.
شري پرسرام متائي ۽ روپچند نکر جو چوڻ آهي تہ لال سائين جو هي چاليهي صاحب جو ميلو سنڌيت جي هڪ سرهاڻ آهي ۽ سنڌيت جي هن ميلي ۾ سيني کي وڏي انداز ۾ ڀهرو وٺڻ گهرجي. جن هن سال چاليهي صاحب جو ورت نہ رکيو آهي اُهي ايندڙ سال ضرور رکن. هي چاليهي صاحب جو ميلو صرف ڌارمڪ اُتسو ناهي پر سنڌين جي ايڪتا جو هڪ اٽوٽ مثال آهي.
روز صبح شام رات جو مندر ۾ آرتيون ٿينديون آهن، پلوَ، پنجڙا ڳائيندا آهن. ڌارمڪ ڀاونائن سان سنڌين جي هن مندر ۾ سنڌيت جي جهلڪ ڏسڻ ۾ ايندي آهي.
چاليهي صاحب جي ميلي رکندڙن کي ”سنڌي گلاب ڊاٽ ڪام“ پريوار طرفان لک لک واڌايون.